# ننڍڙو چيل جو وڻ

شاهه بلوط جي وڏن وڻن جي وچ ۾ هڪ ننڍڙ چيل جو وڻ به هو. چيل جو وڻ خوبصورت هو پر هو خوش نه رهندو هو. هڪڙي رات جو هو سوچي رهيو ته ” شاهه بلوط جا پن ساوا ۽ نرم آهن پر منهنجا پن سوئن جهڙا تکا ۽ کهرا آهن. انهيءَ ڪري جهرڪيون شاهه بلوط جي وڻ تي آکيرا ٺاهين ٿيون پر منهنجي ٽارين تي نه ٿيون ٺاهين. ڪاش منهنجا پن به ساوا ۽ نرم هجن ها!“

صبح جو جڏهن چيل ننڊ مان اٿيو ته ان جا پن ساوا ۽ نرم بڻجي چڪا هئا. ننڍڙو چيل ڏاڍو خوش ٿيو. پر ايتري ۾ هڪ ٻڪري اتي پهچي وئي، ان جو چيل جا اهڙا نرم نرم ۽ ساوا پن ڏٺا ته ٿوري ئي دير ۾ سڀ پن کائي وئي.

ويچاري چيل کي ڏاڍو افسوس ٿيو پر هو ٻڪري کي روڪي به نه ٿي سگهيو.

هن سوچيو ته ”ڪاش منهنجا پن سون ٺهيل هجن ها ته ٻڪري سون جا پن ته نه کائي سگهي ها.“ ٻي ڏينهن جڏهن هو ننڊ مان جاڳيو ته ڏاڍو خوش ٿيو ان جا سمورا پن سون جا بڻجي چڪا هئا.

پوءِ ٿيو ائين جو هڪ چور اتي آيو ۽ سون جا سمورا پن پٽي هليو ويو.

صبح جو جڏهن چيل جاڳيو ته پنهنجون خالي ٽاريون ڏسي ڏاڍو پريشان ٿيو. ” ڪيترو نه چڱو ٿئي ها جو سمورا پن شيشي جا ٺهيل هجن ها. شيشي جا پن نکي ٻڪري کائي ٿي سگهي نه وري انسان چورائي سگهندو.“ هن سوچيو.

ٻئي ڏينهن جڏهن هو ننڊ مان جاڳيو ته ان جا سمورا پن شيشي جا بڻجي چڪا هئا. انهن جي مٿان صبح جي اس پئجي رهي هئي. اس ۾ هو خوب چمڪي رهيا هئا. ننڍڙي چيل خوشي منهجهان تاڙي وڄائي. ”واهه واهه! منهنجا پن ڪيترا خوبصورت لڳي رهيا آهن.“ هن سوچيو.

سڄو ڏينهن پن چمڪندا رهيا. منجهند جو تيز اس ۾ اهي ننڍڙا سج لڳي رهيا هئا. سانجهي ڌاري جڏهن سج ۽ آسمان ڳاڙهسرا ٿي ويا ته ان وقت ائين لڳي رهيو هو ته هر شيشي جي پن ۾ باهه ٻري رهي هجي. ننڍڙو چيل جو وڻ ڏاڍو خوش ٿيو.

انهيءَ رات ڏاڍي تيز هوا لڳي، شيشي جا پن پاڻ ۾ ٽڪرائڻ لڳا. ٽڪرائيندي ٽڪرائيندي پڄي پرزا پرزا ٿي ويا. چيل جي وڻ تي وري هڪ پيرو ڪو به پن باقي نه بچيو هو. چيل سوچيو ته ”سڀني کان

ستا تہ منھنجا پنھنجا سوئن جھڙا سخت ۽ کھرا پن ھئا. جن کي نڪي ٻڪري ٿي کائي سگھي ۽ نہ وري انسان چورائي ٿي سگھيو ۽ نہ وري تيز ھوا انھن کي پرزا پرزا ڪري ٿي سگھي. ڪاش منھنجا پنھنجا اصلوڪا پن مون کي واپس ملي وڃن.“

ٻي ڏينھن صبح جو ھو جاڳيو تہ ان جا پن اھڙا ئي ٿي ٻڌجي چڪا ھئا جھڙا پھريائين ھئا. سوئن جھڙا تيز ۽ کھرا..

ننڍڙو ڇيل پنھنجي پراڻن پنن کي ٻيھر حاصل ڪري ڏاڍو خوش ٿيو. ھن وري ڪڏھن بہ ڪنھن بہ قسم جي پنن جي خواھش نہ ڪئي.

**ھڪ پراڻي انگريزي ڪھاڻي جو ترجمو ۽ ماخوذ**

**سنڌي ۾ ترجمو**

**عطيہ دائود**

KAHANI CHAMAN
کہانی چمن